هفتيوار رسالو:337
WEEKLY BOOKLET:337

سلسلي قادريه رضويه عطاريه جي ٻارهين پيرومرشد جو تذڪرو، بنام

# فيضانِ جنيد بغدادي رحمۃُ اللہِ علیہ

صفحا 27





الله وارن جي نظر ۾ دنيا ..؟ 03
20 سالن جي عمر ۾ فتوىٰ نويسي 12
مون کي جنيد تي فخر آهي 18
آخري وقت ۾ به نماز 25



پيشڪش:
المدينة العلمية (دعوتِ اسلامی)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **فيضان جُنيد بغدادي** رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضان جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه [1]

**دعاءِ اميراهل سنت:** ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”فيضان جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي اولياءِ ڪرام جي فيضان سان مالامال فرمائي ڪري بي حساب بخشي ڇڏ ۽ ان کي جنّت الفردوس ۾ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف تمام عبادتن کان افضل آهي

حضرتِ فقيهہ ابو الليث سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان معلوم ڪرڻ چاهيو تہ درود شريف باقي تمام عبادتن کان افضل آهي تہ هن آيت (يعني آيتِ درود) ۾ غور ڪيو. جو تہ الله پاڪ باقي عبادتن جو پنهنجي ٻانهن کي حڪم ارشاد فرمايو آهي ۽ درود پاڪ پهريان پاڻ موڪليو پوءِ ملائڪن کي ان جو حڪم فرمايو ۽ پُوءِ تمام ايماندارن کي موڪلڻ جو حڪم ڏنو. (مطالع المسرات،ص23).

خليفہ اعليٰ حضرت، مُحَدّث اعظم هند حضرت مولانا شاهہ ابوالمحامِد سيّد محمد اشرفي جيلاني ڪڇوڇوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

شغل[1] وہ ہو کہ شغل میں کردے ہمیں خدا کے ساتھ
پڑھئے درود جُھوم کر سید خوش نوا کے ساتھ

(فرش پرعرش، ص 68)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مالداري دل سان آهي نہ وري مال سان

الله پاڪ جي هڪ تمام وڏي وليءَ جي خدمت ۾ هڪ مالدار شخص حاضر ٿي پنج سو اشرفيون(يعني سون جا سڪا) پيش ڪندي عرض ڪيو: سائين هي ننڍڙو تحفو قبول فرمايو. اُن بُزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ڇا تو وٽ ان کان علاوہ بيو بہ مال ۽ دولت آهي؟ اُن عرض ڪيو: جي ها! مون وٽ گھڻو مال ۽ دولت آهي. پاڻ فرمايائون: ڇا تنهنجي اها خواهش آهي تہ توکي اجان بہ مال و دولت ملي؟ ان عرض ڪيو: جي ها بلڪل، اُن بُزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: هي اشرفيون پاڻ ئي وٽ رک ڇوتہ تون مون کان وڌيڪ هنن جو حقدار آهين ڇوتہ الله پاڪ جي ڪرم سان مون کي انهن جي ضرورت ناهي ۽ تنهنجي دل ۾ انهن جي خواهش موجود آهي. (الرسالۃ القشيريۃ، ص199)

الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اصل مالداري ڇا ۾ آهي؟

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: لَيۡسَ الۡغِنٰى عَنۡ كَثۡرَةِ الۡعَرَضِ ، وَلٰكِنَّ الۡغِنٰى غِنَى النَّفۡسِ مالداري مال جي وڌيڪ هجڻ ۾ ناهي، ها! مالداري دل جي اميري ۾ آهي.

(بخارى، 233/4، حديث: 6446)

امام ابن بطّال رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حديثِ پاڪ جي هن حصّي **"مالداري مال جي وڌيڪ هجڻ ۾ ناهي"** جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن مان مراد هيءَ آهي تہ اصل مالدار اهو ناهي جنهن وٽ دنيا جو گھڻو ساز و سامان هجي ڇوتہ ڪوڙ اهڙا ماڻهو آهن جن کي الله پاڪ مال جي ڪثرت ڏني آهي اهي دل جا ڪنجوس هوندا آهن، جيڪو مليو اُن تي سندن

دل قناعت ناهي ڪندي ۽ وڌيڪ جي طلب ۾ ڪوشش ڪندي رهندي آهي ۽ اها هن ڳالهه جي بہ پرواهہ ناهي ڪندي تہ مال ڪٿان ڪان اچي رهيو آهي تہ جڻ اها مال جي حرص ۽ اُن ڪي وڌ کان وڌ جمع ڪرڻ جي جستجو جي ڪري **مال جي فقير آهي.** اصل مالداري اها آهي جنهن جي ڪري انسان الله پاڪ جي عطا ڪيل ٿوري مال تي قناعت ڪندو آهي ۽ وڌيڪ مال جي حرص و لالچ ناهي ڪندو ۽ نہ ئي وڌيڪ جي طلب ۾ روئندو وتندو آهي تہ جڻ هو حقيقي مالدار آهي ۽ اهائي مالداري الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ ۽ ان جي فيصلي کي مڃڻ آهي، هي ڄاڻيندي تہ جيڪو الله پاڪ وٽ آهي اهو نيڪن جي لاءِ بهتر آهي. ـ(شرح ابن بطّال،10/ ص165) **شيخ سعدي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: تَوَنگَرِی بَه دِل سَتُ نَه بَه مال يعني مالداري مال سان ناهي، دل سان هوندي آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## الله وارن جي نظر ۾ دنيا جي حيثيت

ڇا اوهان ڄاڻيو ٿا تہ مالدار جو مال نہ وٺڻ وارا زُهد ۽ تقوا جا پيڪر هي ولي ڪامل ڪير هئا؟ هي عظيم بُزرگ سلسلهٔ عاليہ قادريہ رضويہ عطّاريہ جا يارهان پير و مرشد حضرت شيخ جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هئا. اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم دنيا جي محبت، مال ۽ دولت جي ڪثرت کان پري هوندا آهن. الله وارن جي نظر ۾ مال ۽ دولت جي ڪا حيثيت ناهي هوندي. اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم مٽي جي ڍير جي طرف توجهه فرمائن تہ هُو سون جو ڏڳجي وڃي ڇوتہ اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم پنهنجي سڄي زندگي الله پاڪ جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ۽ يادِ خُدا ۽ يادِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ گذاري ڇڏيندا آهن،

جڏهن ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ جي خاص نظرِ عنايت انهن ڪي حاصل ٿي ويندي آهي تہ هن انمول نعمت جي سامهون دنيا جي فاني نعمتن ۽ مال ۽ دولت جي ڪجهه اوقات ناهي، ڪنهن چا خوب چيو آهي:

تختِ سکندری پر وہ تھوکتے نہیں ہیں　　بِستر لگا ہوا ہے جن کا تِری گلی میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تعارف

سلسلهءِ عاليہ قادريہ رضويہ جا يارهان بُزرگ، حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا عالمِ دين بلڪ وقت جا مفتي هئا. سندن نالو مبارڪ: جُنيد، ڪنيت: ابوالقاسم ۽ مشهور لقب سيّدُ الطائفہ(يعني اولياء ڪرام جي جماعت جا سردار) آهي. 216 هجري ۾ سندن ولادت بغداد شريف ۾ ٿي. انهيءَ ڪري کين"بغدادي" چيو وڃي ٿو.

(شريف التواريخ، 522/1)

سندن ڏاڏي جو نالو "جنيد" هو، والد محترم انهيءَ ڪري سندن نالو جُنيد رکيو. سندن والدِ محترم جو نالو"محمد" هو، جيڪو شيشي جو ڪم ڪندو هو انهيءَ ڪري کيس"قواريري" بہ چيو ويندو آهي. ۽ ڪپڙي جو ڪم ڪرڻ جي سبب "خزازي" بہ چوندا آهن.

(الرسالۃ القشيريۃ، ص50) (تاريخِ بغداد،250/7)

پاڻ مشهور وليِ ڪامل حضرت سَري سَقَطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ڀاڻيجا ۽ سندن مريد بہ آهن.

## شجري قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ ذڪر خير

امير اهل سُنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري

رضوي ضيائي دامت برکاتھم العالیہ جي طرفان پنهنجي هر مريد ۽ طالب کي جيڪو شجرو شريف ڏنو ويو آهي هن ۾ حضرت جُنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ جي وسيلي سان هيئن دعا ڪئي وئي آهي.

بَہرِ مَعْروف وسری معروف دے بے خُود سَری　　جُندِ حق میں گِن جنیدِ باصَفا کے واسطے

الفاظ ۽ معنيٰ: بهر: واسطي. معروف: ڀلائي. بي خُودسري: عاجزي، فرمانبرداري. جُندِ حق: حق جو لشڪر، باصفا: سٿرو. (هن شعر ۾ سلسه عاليه قادريه رضويه عطّاريه جي نائين، ڏهين ۽ يارهين پيرومرشد جي وسيلي سان دعا ڪئي وئي آهي.)

## دعائيہ شعر جو مفهوم [1]

ياالله پاڪ! مون کي معروف ڪرخي رحمۃ اللہ علیہ جي طفيل نيڪي ۽ ڀلائي عطا فرماءِ ۽ حضرت سَري سقطي رحمۃ اللہ علیہ جو واسطو مون کي عاجزي ۽ انڪساري جو پيڪر بڻاءِ ۽ حضرت جُنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ جو واسطو مون کي پنهنجي لشڪر ۾ شامل ڪر.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلی اللہ علیہ والہ وسلم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عربي شجرو

[1] .. شعر جي باري ۾ دلچسپ وضاحت: پهرين مصرع ۾ لفظ معروف ٻه ڀيرا آيو آهي. پهريون معروف تہ بُزرگ جو نالو آهي ۽ ٻي معروف جي معنيٰ نيڪي ۽ ڀلائي جي آهي. ايئن لفظ سري(هي بہ بُزرگ جو نالو آهي) سان گڏ بي خود سَري جو ذڪر ڪرڻ ۾ هي خوبي آهي تہ ٻنهي ۾ لفظ ”سري“ موجود آهي. ٻئي مصرع ۾ جنيد(هي بہ بُزرگ جو نالو آهي) ڪان پهريان لفظ”جُند“ آندو ويو آهي، ٻنهي ۾ لفظي مناسبت آهي جو ٻنهي ۾ ” ج، ن ۽ د“ آهي.
(شرح شجرهٔ قادريہ رضويہ عطاريہ،ص67)

اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ الله عَلَيْه هڪ عربي شجرو شريف، بصيغهءِ درود شريف تحرير فرمايو آهي، هن ۾ حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ذڪر خير هن طرح ڪن ٿا: ”اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمْ وَعَلَى الْمَوْلَى الشَّيْخِ جُنَيْدِنِ الْبَغْدَادِيْ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ“ اي الله پاڪ تون حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي رحمت ۽ برڪت نازل فرماءِ ۽ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آل ۽ اصحاب ۽ اسان جي سردار شيخ جنيد بغدادي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه تي به. (تاريخ و شرح شجرهٔ قادريه برڪاتيه رضويه،ص109)

## شانِ ۽ عظمت

حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي علماءِ ڪرام ”شيخ تصوُّف“ (يعني صوفين جو امام) فرمايو آهي جوته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تصوُّف کي شريعت جي منع ڪيل ڳالهين کان پري ڪري قرآن ۽ حديث جي قوانين جي عين مطابق ترتيب ڏنو. (اعلام للزرکلی، 141/2،ملخصاً)

حضرت ابوالعاس عطاء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عِلمِ تَصَوُّف ۾ اسان جا امام ۽ پيشوا حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه آهن. (نفحات الانس ،ص257)

حضرت ابوجعفرحدّاد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: جيڪڏهن عقل ”مرد“ هجي ها ته حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي صورت ۾ هجي ها. (يعني پاڻ تمام وڏا ذهين هئا.) (نفحات الانس ،ص258)

حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته سندن زماني ۾ سندن جهڙو پاڪباز ۽ دنيا کان بي رغبت نه ڏنو ويو.

(سير اعلام النبلاء، 153/11)

حضرت ابوبڪر ڪتّاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مڪي شريف ۾ ڪائنس هڪ سوال ڪيو، جنهن جو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اهڙو شاندار جواب ڏنو جو اتي موجود وڏن وڏن بزرگن کين ”تاجُ العارِفين“ جو لقب ڏنو.

(الرسالة القشيرية ،ص355)

امام ابنِ اَثير رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي زماني جا امامِ دنيا آهن. (الکامل فی التاریخ،469/6)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بازارم ۾ عبادت

حضرت جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه روزانو دڪان تي پردو ڏئي ڪري 400 نفل ادا ڪندا هئا. (الرسالۃ القشیریۃ ،ص51)

30 سالن تائين هي معمول رهيو جو عشاء جي نماز کان پوءِ بيهي ڪري صبح تائين الله، الله پڙهندا رهندا هئا ۽ انهي وُضُو سان فجر جي نماز ادا فرمائيندا هئا. پاڻ فرمائن ٿا: 20 سالن تائين تڪبيرِ اُوَلٰي مون کان فوت نہ ٿي ۽ جيڪڏهن نماز ۾ دنيا جو خيال اچي ويندو هو تہ مان اها نماز ٻيهر ادا ڪندو هيس. (تذکرۃ الاولیاء،2/ 7، 9 )

ڪاش! حضرت جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي صدقي اسان بہ پنج ئي نمازون تڪبيرِ اولٰي سان ادا ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. تڪبيرِ اُولٰي سان نماز پڙهڻ وارو خوش نصيب احاديثِ مبارڪ ۾ بيان ڪيل"تڪبيرِ اولٰي" ۽ جماعت سان نماز پڙهڻ جي بيشمار فضائلن جو حقدار ٿيندو. باجماعت نماز جو ذوق وذائڻ جي لاءِ ڪجھ احاديثِ مبارڪ پيش ڪجن ٿيون.

## نماز جي چار حرفن جي نسبت سان چار فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) نمازِ باجماعت اڪيلو پڙهڻ کان ستاويهہ درجا وڌيڪ بهتر آهي.

(بخاری،232/1، حدیث : 645)

(2) الله پاڪ باجماعت نماز پڙهڻ وارن کي محبوب (يعني پيارو) رکندو آهي. (مسند احمد بن حنبل،2/ 309 ،حدیث:5112)

(3) جڏهن ٻانهو باجماعت نماز پڙهي پوءِ الله پاڪ کان پنهنجي حاجت (يعني ضرورت) جو سوال ڪري ته الله پاڪ هن ڳالهه کان حياء فرمائيندو آهي ته ٻانهو حاجت پوري ٿيڻ کان پهريان واپس موٽي وڃي. (حلية الاولياء ، 299/7،رقم:10591)

(4) جنهن ڪامل (يعني پورو) وضو ڪيو، پوءِ فرض نماز جي لاءِ هليو ۽ امام سان (نماز) پڙهي ان جا گناهه بخشيا ويندا.

( ابن خزيمہ،373/2 ،حديث:1489)

باني دعوت اسلامي، امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن دور ۾ نيڪ بڻجڻ جي لاءِ مختلف ”72 نيڪ اعمال“ عطا فرمايا آهن. هن ۾ ٻيو نيڪ عمل پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪرڻ ئي جي باري ۾ آهي. باجماعت نماز جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ امير اهل سُنت جي ڪتاب ”فيضانِ نماز“ پڙهو. هي ڪتاب دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو بلڪ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي نيت سان ٻين کي بہ هي پي ڊي ايف (Share) ڪيو. امير اهل سنت لکن ٿا:

جماعت سے گر تو نمازیں پڑھے گا　　خدا تیرا دامن کرم سے بھرے گا

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دل جي ڳالهه ڄاڻي ورتي (ڪرامت)

حضرت خيرُالنَّساج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان پنهنجي گهر ۾ وينو هيس، دل ۾ خيال آيو ته حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دروازي تي تشريف ڪٽي آيا آهن پر مون توجُّهه هٽائي ڇڏي پر وري ٻئي ۽ ٽئين

پيري اهو ئي خيال آهيو، مان گهر کان ٻاهر آيس ته واقعي حضرت جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه دروازي تي موجود هئا، مون کي فرمايائون: پهرين خيال تي چونه نکتا! ( الرسالة القشيرية ،ص274 )

اللّٰه ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سچو سال روزا

سلسلهٔ عاليه قادريه رضويه جا ٻارهان بزرگ، حضرتِ جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سچو سال نفل روزا رکندا هئا. (شريف التواريخ،526/1)

## توهان حج جو سفر ڪيو ئي ناهي

هڪ پيري سندن خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان کان پڇيائون ته ڪٿان کان آيا آهيو؟ ان شخص جواب ڏنو ته مان حج جي لاءِ ويو هيس، پاڻ پڇيائون ته ڇا توهان حج ڪري چڪا آهيو؟ ان جواب ڏنو ته جي ها حج ڪري چڪو آهيان. پاڻ فرمايائون چڱو ڀلا اهو ٻڌايو ته شروع ۾ جڏهن پنهنجي گهران نڪتا هئا ۽ پنهنجي وطن کي ڇڏيو هو ته ڇا سيني گناهن کي به پنهنجي پويان ڇڏي ڏنو هو؟ ان جواب ڏنو: نه. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايائون پوءِ ته توهان حج جو سفر اختيار ئي ناهي ڪيو.

(تذکره مشائخِ قادريه برکاتيه رضويه، ص193)

## اللّٰه پاڪ جا نيڪ ٻانها نيڪ اعمال ناهن ڇڏيندا

جانشينِ حضرت جُنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه حضرت ابو محمد جُرَيري

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ شخص جي سامهون مَعْرِفت(يعني الله پاڪ جي پهچان) جو ذڪر ڪيو ته ان شخص چيو: مَعرِفتِ الٰهي وارا اُن مقام تي پهچي ويندا آهن ته نيڪي ۽ قربِ الٰهي وارا اعمال ڇڏي ڏيندا آهن. هي ٻڌي ڪري پاڻ فرمايائون: ڪجھ ماڻھو اعمال کي ڇڏڻ جون ڳالهيون ڪندا آهن ۽ هي منهنجي نزديڪ تمام وڏي ڳالھ آهي، بيشڪ الله پاڪ جي پهچان رکڻ وارا الله پاڪ جي عطا ڪيل اعمال کي اختيار ڪندا آهن، اهي انهيءَ سان گڏ اُن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن مان هڪ هزار سال زنده رهان تڏهن به نيڪ اعمال مان هڪ ذرو به گهٽ نه ڪيان. (حلية الاولياء، 296/10، رقم: 15286)

سُبْحٰنَ الله! الله وارن جي به ڇا شان آهي، ڪاش اسان کي به عبادت جو اهڙو ذوق ۽ شوق نصيب ٿي وڃي، ڪاش! فرض نمازن سان گڏوگڏ تهجد، اشراق، چاشت، آوابين پڙهڻ جي سعادت ملي وڃي. رمضان المبارڪ جا فرض روزا رکون ۽ ٻين فضيلت وارن مهينن(جيئن ذوالحج شريف، محرم شريف، رجب شريف، شعبان شريف) ۾ نفل روزا رکڻ جي به توفيق ملي وڃي. زڪوات فرض هجي ته ان جي ادائيگي سان گڏوگڏ ڪجھ نه ڪجھ نفلي خيرات جي به سعادت ملي. نيڪ اعمال جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ اچو! بارگاهِ جنيدِ بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ مصرعي جي ذريعي فرياد ڪيون ٿا:

**يا جنيد! اے بادشاهِ جُندِ عرفاں اَلمدد**

ترجمو: الله پاڪ جي سچاٽپ رکڻ وارن اولياء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي جماعت جا بادشاهه! اي جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان جي مدد فرماءِ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پيرو مرشد جي نصيحت

حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي پيرومرشد، حضرت سَري سَقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي فرمايو: ڪوشش ڪجو ته توهان جي گهر ۾ استعمال ٿيڻ وارا ٿانوَ مٽيءَ جا هجن.

(قوت القلوب،344/1)

## حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪان مٽيءَ جي ٿانوَن جو استعمال ثابت آهي

امام اهل سُنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: حُضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان تانبي، پيتل جي ٿانوَن ۾ کائڻ پيئڻ ثابت ناهي. مٽيءَ يا ڪاٺ جا ٿانوَ هئا ۽ پاڻي جي لاءِ مشڪيزو به هو. (فتاویٰ رضويہ، 22/ 129) وڌيڪ فرمائن ٿا: (مٽيءَ جي ٿانوَن) ۾ کائڻ پيئڻ به عاجزي جي گهڻو قريب آهي، کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ مٽي جا هجڻ افضل آهي ڇوته هن ۾ نه اسراف آهي نه ئي غرور.

(فتاویٰ رضويہ، 336/1ملتقطاً)

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مکي مدني محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪاڏي ۾ مٽيءَ جا ٿانوَ استعمال ڪرڻ ثابت آهي جيئن صحابي رسول حضرت خباب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پڪي مٽيءَ جي ٿانوَ ۾ پاڻي پيئندي ڏٺو. (معرفة الصحابة، 174/2، رقم: 2371) حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو پنهنجي گهر جا ٿانوَ مٽيءَ جا رکي ملائڪ اُن جي زيارت ڪندا. (ردالمحتار،566/9) منقول آهي ته مٽيءَ جي ٿانوَن تي ڪو حِساب ناهي. (قوت القلوب، 288/1ماخوذاً)

اي عاشقانِ رسول! ڪيڏو نہ چڱو ٿي جو اسان بہ حصولِ ثواب ۽ ٻين چڱي چڱي نيتن سان مٽي جا ٿانوَ استعمال ڪيون، امير اهلِ سنت باني دعوت اسلامي علامہ و مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عرصي کان مٽيءَ جي ٿانوَن ۾ کائڻ پيئڻ جو معمول آهي، پاڻ فرمائن ٿا: عام پليٽن ۾ کائڻ تي منهنجي دل ناهي ڪندي البتہ اهو نہ چيو وڃي تہ مٽي جي ٿانوَن جو استعمال سنت آهي ڇوتہ هن حوالي سان ڪا واضح روايت ناهي ملي سگهي. (ماہنامہ فيضان مدينہ ،اڪتوبر2019،ص22)

مِیں مٹی کے سادہ سے برتن میں کھاؤں	چٹائی کا ہو بسترا یا الٰہی

(وسائلِ بخشش، ص103)

## ست سال جي عمر ۾ علمي فضل و ڪمال

حضرت جُنيد بغدادي رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ هڪ ڀيرو مدرسي کان گهر آيا تہ ڏٺائون تہ والدِ محترم روئي رهيا آهن، ڪائنس سبب پڇيو تہ ٻڌايائون: مون اوهان جي مامي حضرت سَري سقطي رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ زڪوات جي ڪجهہ رقم پيش ڪئي تہ انهن وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، اَڄ مون کي اهو احساس ٿي رهيو آهي تہ مون پنهنجي سڄي زندگي اهڙي شيءِ ۾ گذاري ڇڏي جنهن کي خُدا جا دوست بہ پسند نٿا ڪن، حضرت جُنيد بغدادي رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ اها رقم کڻي مامي جي بارگاهہ ۾ آيا، مامي ٻيهر منع ڪيو تہ پاڻ فرمايائون: قسم آهي ان ذات جو جنهن اوهان تي فضل ۽ منهنجي والد سان عدل ڪيو آهي. حضرت سَري سقطي رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمايو: اي جُنيد! اهو ڪهڙو عدل آهي جيڪو توهان جي والد سان ڪيو ويو ۽ اهو ڪهڙو فضل آهي جيڪو مون تي ڪيو ويو آهي؟ پاڻ عرض ڪيائون: اللّٰہ پاڪ اهان تي اهو فضل

فرمايو آهي جو اوهان کي درويشي عنايت فرمائي ۽ منهنجي والد سان اهو عدل کيو جو ان کي دنيا ۾ مشغول ڪري ڇڏيو هاڻي هي اوهان جي مرضي آهي تہ اوهان ان کي قبول فرمايو يا ردّ ڪيو؟ منهنجي والدِ محترم تي زڪوات جي ادائيگي ضروري آهي. حضرت سَري سَقَطي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هيءَ ڳالهہ ڏاڍي وڻي، پاڻ ارشاد فرمايائون: پٽ! زڪوات قبول ڪرڻ کان پهريان مون توکي قبول ڪيو. حضرت جُنيد بغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کان پوءِ پنهنجي مامي وٽ رهڻ لڳا، هڪ ڀيرو مکي شريف حاضر ٿيا تہ اتي ڪيئي بُزرگانِ دين رَحمَةُ اللهِ عَلَيْهِم "شڪر" جي باري ۾ گفتگو ڪري رهيا هئا جڏهن ڪائنس پڇيو ويو تہ اي نندڙا! توهان هن جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟ تہ پاڻ فرمايائون: اللہ پاڪ جي نعمتن سان ان جي نافرماني نہ ڪئي وڃي. اهو ٻڌي ڪري سيني ان تي اتفاق ڪيو.

(تذكرة الاولياء،6/2)

## 20 سال جي عمر ۾ فتوا نويسي

حضرت جُنيد بغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مامي حضرت سَري سقطي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي سندن پيرو مرشد بہ آهن ۽ حضرت حارث مُحَاسبي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فيضانِ صحبت کان بہ فيضياب ٿيا. حضرت ابوثور رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه کان علمِ فقہ حاصل ڪيو ۽ 20 سال جي عمر ۾ سندن جي مجلس ۾ سندن موجودگي ۾ فتوا ڏيڻ لڳا.

( الرسالة القشيرية ،ص50)

## بيان جو آغازءِ پيرو مرشد جو اختيار

سلسلءِ قادريہ رضويہ عطاريہ جي عظيم بُزرگ حضرت جُنيد بغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: اوهان اسان کي

وعظ و نصيحت كندا كيو! پاڻ فرمايائون: پنهنجي كامل پير حضرت سَرِّي سقطي رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَيۡه جي هوندي مان واعظ و نصيحت نہ ٿو كري سگهان. حضرت سرّي سقطي رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَيۡه بہ كين وعظ و نصيحت كرڻ (يعني درس ۽ بيان) جو حكم فرمايو: پر پاڻ وڏي تعظيم واري انداز ۾ عرض كيائون: سائين! اوهان جي هوندي مان وعظ كيان، مون كي سُنو نہ ٿو لڳي. جمعي جي رات جڏهن پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَيۡه سُتا تہ قسمت جاڳي پئي، نور وارا آقا، مكي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چنڊ جهڙو چهرو چمكائيندي خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون: جنيد! ماڻهن كي بيان كيو! اوهان جي بيان جي ذريعي الله پاك كيئي ماڻهن كي نجات بخشيندو.

جڏهن صبح ٿي تہ حضرت سَري سقطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه هڪ مريد كي موكيلو تہ جڏهن جنيد نماز كان سلام ڦيرين تہ چئجان: كيئي ماڻهن ۽ منهنجي پيغام كان بہ اوهان بيان شروع نہ كيو. هاڻي تہ الله پاك جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بہ حكم ارشاد فرمايو آهي، حضرت جُنيد بَغدادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان ڄاڻي ويس تہ منهنجا پيرو مرشد منهنجي دل جو حال چڱي طرح ڄاڻن ٿا..[1]

الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صَدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] (كشف المحجوب، ص136)(نفحات الانس فارسى،ص81 )

## الله پاڪ جي نور سان ڏسندو هو

حضرت شيخ جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ صبح کان جامع مسجد ۾ بيان شروع ڪري ڇڏيو، ماڻهن ۾ اها ڳالهه فوراً ڦهلجي وئي ته اڄ کان جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان فرمائڻ لڳا آهن، هڪ ڏينهن ڪنهن نوجوان اجتماع ۾ بيهي ڪري سوال ڪيو، اي شيخ! ٻڌايو حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان ارشاد مبارڪ: اِتَّقُوا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنظُرُ بِنُورِ الله يعني مومن جي فراست کان ڊڄو ڇو ته اهو الله پاڪ جي نور سان ڏسندو آهي. (ترمذي ج 5 ص 88 حديث 3138) جو ڇا مطلب آهي؟ ان جو سوال ٻڌي ڪجهه گهڙي جي لاءِ حضرت سيدنا شيخ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مٿو جهڪائي ورتو، پوءِ مٿو مبارڪ کڻي (غيب جي خبر ڏيندي) ارشاد فرمايو: اي نوجوان! تون نصراني (يعني ڪرسچن) آهين ۽ هاڻي تنهنجي مسلمان ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي، ايمان آڻ، اهو نوجوان جيڪو واقعي ڪرسچن هو اَلحَمدلله هي ڪرامت ڏسي انهيءَ وقت مسلمان ٿي ويو. (روض الرياحين ص 157)

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الله پنهنجي اولياءِ کي علم غيب عطا فرمائيندو آهي

هن حڪايت مان مبلغ جي مرتبي جي خبر پئي، سبحٰن الله! حضرت سيدنا شيخ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انڪساري سبب پاڻ کي نااهل تصور فرمائيندا هئا. حالانڪ الله پاڪ جي فضل ۽

ڪرم سان پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه زبردست عالم ۽ مفتي ٿيا، سندن تي سڀ کان وڌيڪ ڪرم اهو ٿيو ته خواب ۾ تشريف آڻي ڪري رسول اَڪرم، رحمتِ عالم، نُور مُجَسَّم، شاهِ بني آدمصَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيان جو حڪم فرمايو، هن حڪايت مان خبر پئي ته منهنجا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رب جي عطا سان غيب جو علم رکندا آهن، هي به خبر پئي ته فيضانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اوليائن کي به علم غيب هوندو آهي تڏهن ته حضرت سري سقطي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه پنهنجي خاص مريد جو خواب ڄاڻي ورتو، پڻ حضرت شيخ جنيد بغداديرَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه به نصراني يعني ڪرسچن کي فراستِ ايماني سان سڃاڻي ڪري غيب جي خبر سان مالا مال انوکي انداز ۾ نيڪي جي دعوت عنايت فرمائي ۽ اهو ڪرامت ڀري نيڪي جي دعوت جي برڪت سان هتو هٿ اسلام جي دامن ۾ اچي ويو.

(نیکی کی دعوت،ص369)

## هڪ ٻه ڪرامتون

حضرت امام يافعيرَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا ته "ڪجهه ماڻهو هن واقعي کي حضرت جنيد بغداديرَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي هڪ ڪرامت سمجهن ٿا ۽ مان چوان ٿو ته هن ۾ انهن جون ٻه ڪرامتون آهن هڪ ان جي ڪفر تي باخبر ٿيڻ، ٻيو اهو معلوم هجڻ ته هي شخص انهيءَ وقت اسلام آڻيندو. (نفحات الانس، ص 81)

جو ہو اللہ کا ولی اُس کا فیض دنیا میں عام ہوتا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فِراست جي تعريف

حديث شريف ۾ ”فِراست“ جو ذڪر آهي ان جي معنيٰ ٻه سمجهي وٺو، فِراست جي معنيٰ آهي: الله پاڪ پنهنجي اوليائن جي دلين ۾ اها شيء وجهندو آهي جنهن جي ڪري انهن کي ڪجھ ماڻهن جي حالات جو علم ٿي ويندو آهي. (النهايه ج 3 ص 383)

## قيمتي نڪات

ابوالعباس سُرَيج رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون هڪ ڏينهن بيان ڪيو. (بيان جا خوبصورت نڪات وغيره ٻڌي ڪري) ماڻهو ڏاڍا خوش ٿيا، ته مون چيو: هي اَبوالقاسم جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي صحبت جي برڪت آهي. (سير اعلام النبلاء، 154/11)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ جتي حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي علمي شان ۽ عظمت ظاهر ٿئي ٿي، اُتي ئي حضرت ابوالعباس سُرَيج رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جو انداز مبلغين جي لاءِ نهايت قابلِ عمل آهي ته جڏهن سندن بيان جي تعريف ڪئي وئي ته پاڻ بيان جي انهن نڪتن کي پنهنجي طرف منسوب ڪرڻ جي بجائي حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جو فيضان چيو. افسوس! اڄڪلھ ته معاملو ان جي بلڪل خلاف آهي پنهنجي خوبي هڪ طرف ٻئي جي ڪم جي انعام جو حقدار پاڻ کي سمجهيو ويندو آهي ته هي ڪم ان کي مون سيکاريو هو وغيره.

## خواهش تي عمل نه ڪيو

حضرت جعفر بن نصير رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته سيّدالطائفه حضرت جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه مون کي هڪ درهم ڏئي ڪري فرمايو: ”هن مان منهنجي لاءِ وزيري انجير وٺي اچو. مان وٺي

آيس. جڏهن افطار جو وقت ٿيو ۽ پاڻ هڪ انجير ڪٽي وات ۾ رکندي ئي يڪدم ڪڍي ڇڏيو ۽ روئڻ لڳا پوءِ ارشاد فرمايائون: ”هن کي ڪڍو.“ مون ان جو سبب پڇيو ته فرمايائون: ”منهنجي دل ۾ غيبي آواز آيو ته توکي شرم نٿو اچي ته تو هڪ خواهش کي منهنجي خاطر ڇڏي ڏنو پر وري ان جي طرف موٽي آيا.

(الرسالة القشيرية ، ص 191)

اللّٰہ کے نبی سے فریاد ہے نفس کی بدی سے
ہے ظالم! میں نباہوں تجھ سے اللّٰہ بچائے اس گھڑی سے

(حدائقِ بخشش، ص 145،147 )

الفاظ معاني: فرياد: التجاء. بَدي: برائي، نباهون: مجان، ناهي رکان. گهڙي: وقت.

شرح ڪلامِ رضا: الله پاڪ ۽ ان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ نفس جي شرارتن، برائين جي باري ۾ فرياد آهي. اي الله پاڪ جي نافرماني جي طرف پڙڪائڻ وارا ظالم نفس! مان تنهنجي ڳالهه مڃان الله پاڪ اُن وقت کان مون کي بچائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## انهن جهڙو ناهي ڏٺو

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون بغداد شريف ۾ هڪ شيخ کي ڏٺو جنهن کي ”جنيد“ چيو وڃي ٿو، مون ان جهڙو شخص ناهي ڏٺو، چاڪاڻ ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بهترين گفتگو ۾ خوبصورت لفظن جي چونڊ جي ڪري فصاحت ۽ بلاغت جاڻڻ وارا، مشڪل لفظن جي معنيٰ جاڻڻ جي لاءِ فلسفي ۽ علمِ

ڪلام جا ماهرين گهري ڳالهين کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا. (سير اعلام النبلاء، 154/11)

## بي ادب نٺوٺي سگهي

بغداد جي خليفي ڪنهن ڳالهه تي هڪ شخص کي چيو: اي بي اَدب! ان جواب ڏنو: مان بي اَدب آهيان؟ حالانڪ مان اڌ ڏينهن حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ رهيو آهيان ۽ جيڪو شخص اڌ ڏينهن بہ سندن صحبتِ بابرڪت ۾ رهندو اهو بي ادبي نٿو ڪري سگهي، پوءِ ان جو ڇا حال آهي جيڪو اڪثر عرصو ان جي صحبت ۾ رهيو هجي.
(نفحات الانس،ص80)

## علمِ دين جو حصول

عارف بالله (يعني الله پاڪ جي پهچان رکڻ وارا) حضرت امام عبدالڪريم بن هوازن قشيري رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ سيّد الطّائفہ حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کي ڪنهن عرض ڪيو: سائين! اوهان هي علم ڪٿان حاصل ڪيو؟ پاڻ پنهنجي گهر ۾ هڪ سيڑهي جي طرف اشارو ڪندي فرمايائون: الله پاڪ جي بارگاه ۾ هن سيڑهي جي هيٺ 30 سالن تائين ويهي ڪري هي علم حاصل ڪيو. ( الرسالۃ القشيرية ، ص51)

## مون کي جنيد تي فخر آهي

الله پاڪ جي پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ هڪ بُزرگ رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه زيارت ڪئي، ڏٺائون تہ حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ حضرت جنيد بغدادي رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡه بہ حاضر آهن، ايتري ۾ هڪ شخص آيو ۽ اُن بارگاهِ رسالت ۾ هڪ فتوا پيش ڪئي، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اشارو فرمايو تہ جنيد کي ڏيو تہ جيئن هُو

جواب ڏين. اُن عرض ڪيو: يارسو الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان جي موجودگي ۾ انهن کي ڪيئن ڏيان؟ الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: انبياءِ ڪرام عَلَیْھِمُ السَّلَام کي پنهنجي اُمتن تي فخر هو ۽ مون کي ”جُنيد“ تي فخر آهي. (شريف التواريخ،29/1)

## نفس جي بيماري جو علاج

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ رات مون کي ننڊ نہ آئي تہ مان اٿي پيس تہ جيئن پنهنجو ورِد وظيفو پڙهان پر روزانو وظيفو پڙهڻ جي دوران جيڪا لذت ۽ سڪون محسوس ٿيندو هو اهو محسوس نہ ٿيو. مون ٻيهر سمهڻ جو ارادو ڪيو، پر ننڊ نہ آئي، مون وري اٿي ڪري ويهي رهڻ جو ارادو ڪيو پر ويهڻ ۾ بہ دل نہ لڳي. پوءِ مون ڏٺو تہ منهنجو گهر لرزي رهيو آهي جڻ هاٽي ڪِري پوندو تہ يڪدم مان گهر کان ٻاهر نڪري آيس، ٻاهر آيس تہ ڇا ٿو ڏسان تہ سخت سردي ۾ چادر ويڙهيل هڪ شخص رستي ۾ پيو آهي. اُن مٿو کنيو ۽ چوڻ لڳو: اي ابوالقاسم! مون وٽ تشريف کڻي اچو. مون چيو: بغير ڪنهن وعدي ۽ واقفيت جي؟ ان شخص چيو: هائو. مون دلين کي حرڪت ڏيڻ واري(الله پاڪ) جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ هُو تنهنجي دل کي منهنجي طرف متوجهہ ڪري تہ جيئن اوهان مون وٽ اچو. پوءِ ان سوال ڪيو: اي شيخ! هي ارشاد فرمايو: نفس جي بيماري ڪڏهن اُن جي دوا ٻڻبي آهي؟ مون چيو: جڏهن تون نفس جي خواهشن جي مخالفت ڪرين. پوءِ ان پنهنجي نفس کي مخاطب ڪندي چيو: اي منهنجا نفس! ٻُڌ، مون توکي اهو ئي جواب ست ڀيرا ڏنو پر تو چيو: مان هي

جواب تڏهن مجيندس جڏهن حضرت جنيد بغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کان پاڻ نہ ٻڌي ونان. هي چئي ڪري هُو اتان کان هليو ويو. مان ان کي سڃاڻي نہ سگهيس. (جامع کراماتِ اولیاء،12/2)

## نفساني خواهشون هلاڪت جو سبب

ياد رکو! جائز ۽ ناجائز جي پرواهہ ڪرڻ بغير نفس جي هر خواهش پوري ڪرڻ ۾ لڳي وڃڻ، خواهشن جي پيروي ڪرڻ چورائيندو آهي. (باطنی بیماریوں کی معلومات،ص101)

پيارا اسلامي ڀائرو! نفساني خواهشن جي پيروي ۾ نقصان ئي نقصان آهي، حديث شريف ۾ آهي: ٽي شيون هلاڪت ۾ وجهي ڇڏينديون آهن. (1) اهڙو بخل جنهن جي اطاعت ڪئي وڃي (2) نفساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ (3) انسان جو پنهنجو پاڻ کي چڱو سمجهڻ. (معجم اوسط ، 212/4 ، حديث: 5754)

رِہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے    ترے حبیب کا دیتا ہوں واسِطہ یارب
(وسائلِ بخشش،ص78)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت جنيدِ بغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جا خط قبر مبارڪ ۾

حضرت جنيد بغدادي ۽ شيخ ابوبڪر ڪسائي رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِما جي وچ ۾ خط و ڪتابت جي ذريعي هزارين ديني مسئلن جو تبادلو ٿيو هو پاڻ سيني جا جواب لکيائون، حضرت ابوبڪر رَحمَةُ اللهِ عَلَيه پنهنجي انتقال شريف جي وقت وصيّت فرمائي تہ انهن سيني ديني مسئلن جي خطن کي مونسان گڏ قبر ۾ رکي ڇڏجو، مان

انهن کي ايئن دوست رکان ٿو جو چاهيان ٿو تہ هن مسئلن کي مخلوق جو هٿ بہ نہ لڳي. (شريف التواريخ،530/1)

## واقعن جي اهميت

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: مريدن کي بُزرگن جا واقعا وغيره ٻڌڻ مان ڪجهہ فائدو ٿيندو آهي يا نہ؟ پاڻ فرمايو: ضرور ٿيندو آهي اَلْحِكَايَاتُ جُنْدٌ مِّنْ جُنُوْدِ اللهِ يُقَوِّىْ بِهَا قُلُوْبَ الْمُرِيْدِيْن يعني بُزرگن جا واقعا الله پاڪ جي لشڪرن مان لشڪر آهن جن سان الله پاڪ مريدن جي دلين کي مضبوط فرمائيندو آهي، پوءِ جڏهن ڪائنس هن ڳالهہ جي دليل پڇي وئي تہ پاڻ هي آيتِ ڪريمہ تلاوت فرمائي: وَ كُلًّا نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الرُّسُلِ مَا نُثَبِّتُ بِهٖ فُؤَادَكَ ۚ ترجموڪنزالعرفان: ۽ رسولن جي خبرن مان اسان سڀ توکي ٻڌايون ٿا جنهن سان تنهنجي دل کي قوت ڏيون. (پ12، هود: 120 )

## ”بغداد“ جي پنج حروف جي نسبت سان 5 واقعاتِ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

### (1) مرشد تي مريد جو حال پوشيده ناهي

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ مريد جيڪو بصره شريف ۾ تنهائي ۾ رهندو هو، سندن دل ۾ هڪ ڀيرو ڪنهن گناهہ جو خيال آيو، هن بُري خيال جي نحوست سان ان جو چهرو ڪارو

ٿي ويو، اهو گهٻرائجي ويو، تن ڏينهن کان پوءِ ڪاراڻ ختم ٿي وئي، انهي ڏينهن سندس پيرو مرشد حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُ اللہِ علَیہ جو خط مليو، اُن ۾ لکيل هو: پنهنجي دل کي قابو ۾ رکو، ڇهري جي ڪاراڻ ڏوئڻ جي لاءِ تن ڏينهن تائين مون کي دوٻيءَ جو ڪم ڪرڻو پيو آهي. (تذکرۃ الاولِیاء، 2/ 18)

## (2) مرشد جو امتحان وٺڻ واري جو انجام

حضرت داتا گنج بخش سيد علي هجويري رَحمَۃُ اللہِ علَیہ لکن ٿا: حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُ اللہِ علَیہ جي هڪ مريد اهو سمجهي ورتو ته ڪيس به الله پاڪ جي پهچان حاصل ٿي وئي آهي ۽ هاڻي ڪيس مرشد جي ضرورت ناهي رهي. لهٰذا اهو حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُ اللہِ علَیہ جي بارگاه کان منهن موڙي ڪري هليو ويو. پوءِ هڪ ڏينهن اهو ڏسڻ ۽ آزمائڻ آيو ته ڇا حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُ اللہِ علَیہ سندن دل جي خيالن سان آگاه آهن يا نه؟ هوڏانهن حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُ اللہِ علَیہ به پنهنجي نورِ فراست سان ان جي حالت ڄاڻي ورتي. جڏهن اهو مريد حاضر ٿيو ۽ هڪ سوال ڪيائين ته پاڻ رَحمَۃُ اللہِ علَیہ ارشاد فرمايائون: ڪهڙو جواب گهرجي، لفظن ۾ يا معنيٰ ۾؟ چيائين: ٻنهي طرح. پوءِ پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن لفظن ۾ جواب چاهين ٿو ته ٻُڌ! جيڪڏهن مون کي آزمائڻ کان پهريان پاڻ کي آزمائين ها ته مون کي آزمائڻ جي ضرورت پيش نه اچئي ها ۽ معنوي جواب اهو آهي ته مون توکي ولايت جي منصب تان معزول ڪيو. اهو چوڻ لڳو: يقين جي راحت

منهنجي دل مان هلي وئي، پوءِ توبہ ۽ استغفار ڪرڻ لڳو.
حضرت جنيد بغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ارشاد فرمايو: تون نٿو ڄاڻين تہ اللّٰه پاڪ جا ولي ان جي رازن کان باخبر هوندا آهن پوءِ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ان تي دم ڪيو تہ اهو پنهنجي ساڳي حالت تي اچي ويو.
( ڪشف المحجوب، ص 137)

## (3) ڊاڪٽر جو علاج ٿي ويو (ڪرامت)

حضرت جنيد بغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جون مبارڪ اکيون هڪ ڀيرو خراب ٿي پيون ۽ درد شروع ٿيو. هڪ غير مسلم طبيب(يعني ڊاڪٽر) چيو: اکين کي پاڻي کان بچائجو. (پر) پاڻ عشاء جي نماز جي لاءِ وضو ڪيو تہ صبح جو سور ختم ٿي ويو ۽ غيب مان آواز آيو: اي جنيد! تو اسان جي عبادت ۾ اک جو خيال نہ ڪيو، انهيءَ ڪري اسان توهان جو درد ختم ڪري ڇڏيو، صبح جڏهن طبيب پڇا ڪئي: تہ پاڻ فرمايائون تہ وضو ڪرڻ سان منهنجو درد ختم ٿي ويو، اهو انهيءَ وقت سندن هن ڪرامت ۽ ثابت قدمي کان متاثر ٿي ڪري دل سان مسلمان ٿي ويو.

(شريف التواريخ،1/526 بتغير)

هي حضرت جنيد بغدادي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو توڪل هو ۽ توڪل جي اعلٰي مقام تي فائز هجڻ جي ڪري انهن ايئن ڪيو، هڪ عام مسلمان جي لاءِ شرعي حڪم اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ديني معلومات رکڻ وارو ماهر ڊاڪٽر جيڪو فاسقِ معلن نہ هجي جيڪڏهن ڪنهن مرض ۾ پاڻي استعمال نہ ڪرڻ يا ڪنهن ٻي

شرعي مسئلي ۾ آساني جو حڪم ڏي ته مفتي صاحب سان مشورو ڪري هن آساني تي عمل ڪري سگهجي ٿو.

## ڊاڪٽر متوجه ٿين

ڪجھ ڊاڪٽر ننڍڙي بيماري تي مريض کي روزو ڇڏڻ، نماز ويهي پڙهڻ يا نه پڙهڻ وغيره جا احڪام جاري ڪندا آهن، اهڙن ڊاڪٽرن کي عرض آهي ته ديني مسئلي ۾ پنهنجي طرفان دخل اندازي ڪرڻ تمام وڏي جرئت مندي آهي، جيڪڏهن اوهان کي ڪنهن مريض جي مرض جي باري ۾ اهڙي آساني تي عمل نه ڪرڻ جي نقصان جو سو فيصد يقين هجي ته پوءِ به اُن مريض کي پنهنجي طرفان آساني ڏيڻ جي بدران پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي دارالافتاء اهل سنت جي طرف رهنمائي ڪرڻ گهرجي نه ته خدانخواسته اوهان گناه جو مشورو ڏيڻ وارا بڻجي سگهو ٿا. دارالافتاء اهل سُنت سان رابطي جي لاءِ هنن نمبرن تي ڪال ڪيو.

03117864100- 03113993312- 03113993313

وقت: صبح 10 وڳي کان شام 4 وڳي تائين (وقفو 1 کان 2، آچر موڪل)

## (4) صبر جي تلقين

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ پيرو ڪنهن جي عيادت جي لاءِ تشريف ڪٺي ويا، ان وقت اهو بيماري جي سبب روئي رهيو

هو، حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ان کي نصيحت ڪندي فرمايو: ڪنهن جي عطا ڪيل تڪليف تي روئي رهيو آهين؟ ۽ ڪنهن کان ان جي شڪايت ڪرڻ چاهين ٿو؟ سندن هي حڪمت ڀري ڳالهه ٻڌي ڪري اهو چپ ٿي ويو. (تذکرة الاولياء،12/2)

## (5) شيطان کي لاجواب ڪري ڇڏيو

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو منهنجي دل ۾ شيطان کي ڏسڻ جي خواهش پيدا ٿي، جيئن ته هڪ ڏينهن مان مسجد جي دروازي تي هيس، مون کي پري کان هڪ پوڙهو نظر آيو، ان کي ڏسندي ئي مون پنهنجي دل ۾ وحشت محسوس ڪئي، جڏهن اهو ويجهو آيو ته مون پڇيو: تون ڪير آهين؟ چيائين: مان اهو ئي آهيان جنهن کي ڏسڻ جي اوهان خواهش ڪئي هئي. مان سمجهي ويس ته هي ابليس آهي، مان ان کي ڇڙٻيندي چيو: اي خبيث! توکي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سجدو ڪرڻ کان ڪهڙي شيءِ روڪيو؟ ابليس چيو: اي جنيد! تون ڇا ٿو چاهين ته مان غيرِ خدا کي سجدو ڪيان ها؟ حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ابليس جي اها ڳالهه ٻڌي ڪري مان حيران ٿي ويس، انهيءَ وقت مون کي الهام ٿيو(يعني منهنجي دل ۾ اها ڳالهه وڌي وئي) ته اي جُنيد! ان کي چئو! كَذَبْتَ لَوْكُنْتَ عَبْدًا مَا مُوْرًا مَا خَرَجْتَ عَنْ اَمْرِهٖ يعني اي خبيث! تون ڪوڙو آهين، جيڪڏهن تون واقعي پنهنجي مالڪ (يعني الله ڪريم) جو ٻانهو هجين ها ته هرگز ان جي حڪم جي نافرماني نه ڪرين ها. شيطان سندن دل جي ڳالهه سُڃاڻي ويو ۽ فوراً ئي اتان کان ڀڄي ويو.

(ڪشف المحجوب ،ص137بتغير)

## (6) هڪ غير مسلم جو مسلمان ٿيڻ

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ پيرو بابُ الطلق ۾ هڪ نهايت خوبصورت غيرمسلم نوجوان کي ڏٺو ته بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو، الٰهي! تو هن نوجوان کي بي پناه حُسن ڏنو آهي ان کي منهنجي ڪم جو بڻائي ڇڏ يعني ان کي معرفتِ الٰهي عطا فرماءِ. سندن دعا کي اجا توري دير ئي گذري هئي ته اهو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين مون کي ڪلمو پڙهايو. پاڻ ان کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيو ۽ پوءِ اهو نئون مسلمان ڪجھ ڏينهن صحبت ۾ رهي ڪري مقامِ ولايت جي بلند درجي تي فائز ٿي ويو. (ڪشف الحجوب ،ص54ملخصاً)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هن ڪلمي کي ته ڪڏهن زندگي ۾ وساريوئي ناهي

حضرت ابو محمد جرير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وصال شريف جي وقت اُن وٽ حاضر ٿيس ته پاڻ تلاوت ڪري رهيا هئا، جمعي جو ڏينهن هيو، جڏهن پاڻ تلاوت ختم ڪري چڪا ته مون عرض ڪيو: اوهان هن وقت به تلاوت ڪري رهيا آهيو! ته انهن فرمايو ته مون کان وڌيڪ تلاوت جو حقدار ڪير هوندو! ڏسين نٿو ته منهنجي زندگي جو اعمالنامو ويڙهيو پيو وڃي. ـ(احيا ءالعلوم ،232/5) پوءِ ڪنهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪلمو پڙهڻ جي لاءِ چيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون ته مون

هن ڪلمي ڪي تہ زندگي ۾ ڪڏهن ويساريو ئي ناهي، جو تون مون ڪي هن وقت ياد ڏياري رهيو آهين. (الرسالة القشيرية،ص338 مفہوماً)

## ختم قرآن ڪريم ڪان بعد وري تلاوت

حضرت ابوبڪر عَطَوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وصال جي وقت سندن وٽ موجود هيس. انهن پورو قرآنِ ڪريم ختم ڪيو پوءِ سورت بقره ڪان تلاوت شروع ڪئي ۽ ستر (70) آيتون پڙهڻ ڪان بعد سندن انتقال شريف ٿي ويو. (الرسالة القشيرية، ص 51)

## آخري وقت ۾ بہ نماز

سندن وصال شريف جي هڪ ڪيفيت جو ڪجھ هيئن بہ بيان آهي: حضرتِ ابوبڪر عطّار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مان پنهنجي ڪجھ ساٿين سان گڏ حضرت ابوالقاسم جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي وصال شريف جي وقت سندن خدمت ۾ حاضر هيس، اُن وقت پاڻ ويهي ڪري نماز ادا ڪري رهيا هئا، جڏهن سجدي جو ارادو ڪن پيا تہ پنهنجي ڄنگهن کي سوڙهو ڪري ڇڏين پيا، پاڻ انهيءَ طرح ڪندا رهيا، ان وقت موجود بسّامي نالي جي سندن هڪ دوست ڏٺو تہ انهن جا پير سُجيل آهن تہ چيائين: اي ابوالقاسم! هي ڇا آهي؟ فرمايائون: هي الله پاڪ جون نعمتون آهن، الله اڪبر، جڏهن پاڻ نماز ڪان فارغ ٿيا تہ حضرت ابو محمد جُريري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: حضور! اوهان کي ليٽڻ گهرجي. فرمايائون: ابو محمد! هي انعام جو وقت، الله اڪبر، پوءِ انهيءَ حالت تي رهيا ايستائين جو سندن وصال ٿي ويو.
(حلية الاولياء، 299/10، رقم: 15295)

## سعادت مند مُريد

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال شريف 298 هجري ۾ جمعي جي ڏينهن ٿيو ۽ اڱئين ڏينهن تدفين ٿي، تقريباً سٺ هزار ماڻهو سندن جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا، سندن مزار شريف تي ماڻهو روزانو هڪ مهينو يا ان کان به وڌيڪ ڏينهن تائين حاضري ڏيندا رهيا. پاڻ پنهنجي پيرو مرشد حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حيات مبارڪ (يعني زندگي مبارڪ) ۾ صحبت ماڻڻ سان گڏوگڏ وصال کان پوءِ به گڏ رهيا. سندن مزار شريف پنهنجي پيرو و مرشد جي مزار شريف سان بلڪل متصل بغداد معليٰ ۾ جلوا لٽائي رهي آهي.

(تاريخ بغداد،256،255/7)

## نماز تهجد جي برڪت سان بخشش

حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي وصال شريف کان بعد ڪنهن خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: اي ابوالقاسم! وصال کان پوءِ اوهان سان ڇا معاملو ٿيو؟ فرمايائون: اسان کي صرف انهن ننڍين ننڍين رڪعتن فائدو ڏنو جيڪي اسان سحر جي وقت ادا ڪندا هئاسين. (حلية الاولياء، 276/10، ماخوذاً)

## صبح واريون تسبيحون ڪم اچي ويون

هڪ ٻي روايت ۾ آهي پاڻ ڪنهن جي خواب ۾ تشريف آڻي فرمايائون: اسان جي اشارن ۽ عبارتن اسان کي ڪو فائدو نه

پچايو بلڪ اسان کي انهن تسبيحن نفعو ڏنو جيڪي اسان صبح جي وقت پڙهندا هئاسين. ( الرسالۃ القشيريہ، ص419)

## ”ياجُنيد“ جي ڇهه حرفن جي نسبت سان 6 ارشاداتِ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

(1) جيڪو چاهي ٿو تہ سندس دين بچي وڃي ۽ سندس دل ۽ جسم راحت ماڻي تہ ماڻهن کان نہ ملي ڇوتہ هي وحشت جو دور آهي. عقلمند اهو آهي جيڪو هن دور ۾ تنهائي اختيار ڪري. تنهائي جي مشقت برداشت ڪرڻ ماڻهن جي چاپلوسي ڪرڻ کان وڌيڪ آسان آهي. (طبقات الکبریٰ للشعرانی، 121/1)

(2) اللّٰه پاڪ جڏهن ڪنهن مريد سان ڀلائي جو اِرادو فرمائيندو آهي تہ اُن کي صوفياءِ جي قدمن ۾ وجهي ڇڏيندو آهي.
(طبقات الکبریٰ للشعرانی، 121/1)

(3) مون ڪنهن کي ڪڏهن ناهي ڏٺو جو هُو دنيا جي تعظيم ڪري پوءِ ان ۾ سندس اڪيون ٽڏيون ٿينديون هجن، اڪيون صرف ان جون ٽڏيون ٿينديون آهن جيڪو ان کي حقير سمجهي ۽ ان کان منهن ڦيري. (طبقات الکبریٰ للشعرانی، 122/1)

(4) جيڪو پنهنجي نفس تي چڱي نيت جو دروازو کوليندو آهي تہ اللّٰه پاڪ اُن تي توفيق جا ستّر دروازا کولي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو پنهنجي نفس تي بُري نيت جو دروازو کوليندو آهي اللّٰه پاڪ ان تي رسوائي جا ستّر دروازا اتان کان کوليندو آهي جو ان کي خبر بہ ناهي هوندي. (طبقات الکبریٰ للشعرانی، 122/1)

(5) بيمارين ۾ ڏُک، درد ۾ چار خصوصيتون آهن. (1) پاڪيزگي. (2) مثائڻ (3) ياد ڏيارڻ ۽ (4) قيد ڪرڻ. بيمارين، پريشانين ڪبيره (يعني وڏن) گناهن کان پاڪيزگي ۽ ننڍي گناهن کي مٽائڻ ۽ الله پاڪ جي ياد ڏيارڻ ۽ گناهن کان روڪڻ.

(شعب الايمان، 227/7، حديث:10106)

(يعني جڏهن کو بانهو بيمار ٿيندو آهي تہ ان کي هي چار برڪتون حاصل ٿينديون آهن، اهو وڏن گناهن کان پاڪ ٿي ويندو آهي، ان جا ننڍا گناهہ مٽجي ويندا آهن ۽ بيمار شخص الله پاڪ کي ياد ڪندو آهي ۽ بيمار گناهن کان رڪجي ويندو آهي.)

(6) دنيا ۾ 2 آفتون آهن. (1) علم جي آفت ۽ (2) مال جي آفت. علم جي آفت کان نجات جي لاءِ علم تي عمل ڪري ۽ مال جي آفت کان بچڻ جي لاءِ مال کان بي رغبت (بي پرواهہ) ٿئي.

(فيض القدير،519/1، تحت الحديث:716)

(حضرت جنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ جا وڌيڪ ارشاد پڙهڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو رسالو ”**ارشاداتِ جنيد بغدادي**“ جو مطالعو ڪندا يا دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي چاڻ سڄاڻ وارن ڏي بہ موڪليو.)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





978-969-722-597-2

01082462

فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net